هفتيوار سنتن ڀري اجتماع ۾ ٿيڻ وارو

# سُنّتن ڀريو بيان

3-November-2016



## دعا قبول ٿيڻ جا واقعا

(SINDHI)

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ

اَمَّا بَعْدُ! فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ط بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

# دعا قبول ٿيڻ جا واقعا

اَلصَّلٰوةُ وَ السَّلَامُ عَلَيْكَ يَا رَسُولَ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَ اَصْحٰبِكَ يَا حَبِيْبَ الله

اَلصَّلٰوةُ وَ السَّلَامُ عَلَيْكَ يَا نَبِيَّ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَ اَصْحٰبِكَ يَا نُوْرَ الله

نَوَيْتُ سُنَّتَ الْاِعْتِكَاف

(مون سنّتِ اعتڪاف جي نيّت ڪئي)

جڏهن بہ مسجد ۾ داخل ٿيو، ياد اچڻ تي نفلي اعتڪاف جي نيّت ڪري وٺو، جيستائين مسجد ۾ رهندؤ نفلي اعتڪاف جو ثواب پڻ ملندو رهندو ۽ ضمنًا مسجد ۾ ڪائڻ پيئڻ بہ جائز ٿي ويندو.

## دُرُودِپاڪ جي فضيلت

اميرُالمومنين حضرت سيدُنا علي المُرتَضٰي، شيرِ خُدا كَرَّمَ اللهُ تَعَالٰي وَجْهه الكريم کان روايت آهي تہ رسولُ الله صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: توهان جو مون تي دُرُودِ پاڪ پڙهڻ، توهان جي دعائن جو محافظ، رَبّ عَزَّ وَجَلَّ جي رضا جو سبب ۽ توهان جي عملن جي پاڪيزگي جو سبب آهي.[1]

گرچہ ہیں بے حد قُصور تم ہو عَفُوّ و غَفور بخش دو جُرم و خطا تم پہ کروڑوں دُرود

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

---

[1] ...القول البديع ،البابالثانى فى ثواب الصلاة...الخ،ص۲۷۰

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اسان ثواب حاصل ڪرڻ خاطر بيان ٻڌڻ کان پهريان سٺيون سٺيون نيتون ڪيون ٿا. فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: نِيَّةُ الْمُؤْمِنِ خَيْرٌ مِّنْ عَمَلِهٖ.يعني مسلمان جي نيت ان جي عمل کان بهتر آهي.[1]

**ٻه مدني گُل:** 1 بنا سٺي نيت جي ڪنهن بہ نيڪ عمل جو ثواب ناهي ملندو.

2 جيتريون سٺيون نيتون وڌيڪ، اوترو ثواب بہ وڌيڪ.

## بيان ٻڌڻ جون نيّتون

❁ نگاهون جهڪائي انتهائي توجه سان بيان ٻُڌندس ❁ ٽيڪ لڳائي ويهڻ بدران علمِ دين جي تعظيم خاطر جيترو ٿي سگهيو گوڏا ٻجي ويهندس ❁ ضرورت طور سوڙهو ٿي سِرڪي ٻين جي لاءِ جاءِ ڪُشادي ڪندس ❁ ڌِڪو وغيره لڳو تہ صبر ڪندس، گهورڻ، جهڻڪڻ ۽ اَٽڪڻ کان بچندس ❁ صَلُّوا عَلَي الحَبِيب! اُذكُرُوالله، تُوبُوا اِلَي الله! وغيره ٻُڌي ثواب ڪمائڻ ۽ صدا لڳائڻ وارن جي دِل جوئي (يعني دلداري) جي لاءِ بلند آواز سان جواب ڏيندس ❁ بيان کان پوءِ پاڻ اڳتي وڌي سلام، مُصافحو ۽ اِنفرادي ڪوشش ڪندس.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيبِ! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## دُرُودِ پاڪ جي برڪت سان دعا جو قبول ٿيڻ

حضرتِ سَيدُنا فُضَالہ بن عُبَيد رَضِیَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْه کان روايت آهي تہ رسولُ الله صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم(مسجد ۾) تشريف فرما ها تہ هڪ ماڻهو آيو، ان نماز پڙهي ۽ پوءِ ائين دُعا گهري: اَللّٰهُمَّ اغْفِرْ لِي وَارْحَمْنِي يعني اي اللهعَزَّوَجَلَّ ! مون کي بخشي ڇڏ ۽ مون تي رَحم فرماءِ. رسولُ الله صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو: عَجِلْتَ

[1] (المعجم الكبير للطبراني، باب السين،سهل بن سعد الساعدى الحديث: 5942، ج 6، ص 185)

www.dawateislami.net

اَيُّهَا الْمُصَلِّيْ يعني اي نمازي تو جلدي ڪئي،(پوءِ دُعا جو طريقو بيان ڪندي ارشاد فرمايائون) جڏهن تون نماز پڙهي ڪري ويهين تہ پهريان الله تعاليٰ جي اهڙي حمد ڪر جيڪا ان جي لائق آهي، پوءِ مون تي دُرُودِ پاڪ پڙهہ ۽ ان کان پوءِ دُعا گهر. راوي جو بيان آهي تہ ان کان پوءِ هڪ ٻئي شخص نماز پڙهي، پوءِ الله عَزَّوَجَلَّ جي حمد بيان ڪئي ۽ نبي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تي دُرُودِپاڪ پڙهيو تہ نبي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشادفرمايو:اَيُّهَا الْمُصَلِّيْ اُدْعُ تُجَبْ، اي نمازي! تون دُعا گهر، قبول ڪئي ويندي.[1]

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! هن حديث شريف مان معلوم ٿيو تہ جيڪڏهن دُعا گهرڻ وارو قَبُوليت جو طالب آهي تہ ان کي گهرجي تہ دُعا جي شروع ۾ الله عَزَّوَجَلَّ جي حمد ۽ ساراهہ بہ ڪري ۽ نبي ڪريم، رَؤفٌ رَّحيم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تي دُرُودِپاڪ بہ پڙهي بلڪ آخر ۾ بہ حمد ۽ دُرود پڙهڻ گهرجي جيئن تہ دعوتِ اسلامي جي اِشاعتي اِداري مڪتبة المدينہ جي شايع ٿيل 318 صفحن تي مشتمل ڪتاب ”فضائلِ دُعا“ صفحي 68 تي اعليٰ حضرت جا والد، حضرتِ علّامہ مولانا نقي علي خان رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰي عَلَيه دُعا جا آداب بيان ڪندي اِرشاد فرمائن ٿا: دُعا جي لاءِ اوّل ۽ آخر حمدِ اِلٰهي ادا ڪري ڇوتہ الله عَزَّوَجَلَّ کان وڌيڪ ڪو پنهنجي حمد کي دوست رکڻ وارو ناهي، ٿوري حمد تي گهڻو راضي ٿئي ٿو ۽ بي شمار عطا فرمائي ٿو،

وڌيڪ فرمائن ٿا تہ اَوَّل ۽ آخر نبي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ۽ سندن آل ۽ اَصحاب تي دُرُود موڪلي ڇوتہ دُرُود الله تعاليٰ جي بارگاهہ ۾ مَقبول آهي ۽ الله تعاليٰ جي ڪرم کان بعيد آهي تہ دُعا جي اَوَّل ۽ آخر کي قبول فرمائي ۽ دَرميان کي رَد ڪري ڇڏي. (فضائلِ دُعا،ص۶۸ملخصاً)

---

[1]...ترمذی کتاب الدعوات،باباجاء فی جامع الدعوات...لخ۵/۲۹۰ حدیث:۳۴۸۷

www.dawateislami.net

## زمين ۽ آسمان جي وچ ۾ دُعا جو رڪجڻ

حضرت سَيِدُنا عُمَر بن خطاب رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنۡهُ فرمائن ٿا: اِنَّ الدُّعَاءَ مَوْقُوْفٌ بَيۡنَ السَّمَاءِ وَالۡاَرۡضِ لَا يصۡعَدُ مِنۡه شَيۡءٌ حَتّٰی تُصَلِّیَ عَلٰی نَبِيِّكَ صَلَّی الله عَلَيه وَسَلَّمَ، يعني دُعا زمين ۽ آسمان جي وچ ۾ روڪي ويندي آهي، جيستائين تون پنهنجي نبي صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَیْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تي دُرُود نہ موڪلين، بلند ناهي ٿيندي.[1] حضرتِ علي المرتضٰي رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنۡه کان روايت آهي: اَلدُّعَاءُ مَحۡجُوۡبٌ عَنِ اللهِ حَتّٰی يُصَلّٰی عَلٰی مُحَمَّدٍ وَّاَهلِ بَيۡتِهٖ يعني دُعا الله تعاليٰ کان حِجاب ۾ آهي، جيستائين محمد صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَیْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ۽ سندن اَهلِ بيت تي دُرُود نہ موڪليو وڃي.[2]

اعليٰ حضرت، امام احمد رضا خان رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰي عَلَيه فرمائن ٿا: اي عزيز! دُعا طَائِر (يعني پکي) آهي ۽ دُرُود شَهپَر (يعني ان جو سڀ کان وڏو پر آهي)، پکي بنا پرن جي ڇا اڏامي سگهي ٿو!

پکيءَ جي ٻانهُن جو سڀ کان وڏو پر، جنهن جي بغير ڪو پکي اڏامي ناهي سگهندو ان کي شَهپر چيو ويندو آهي . يعني دُعا هڪ پکي ۽ دُرُودِ پاڪ ان جي شَهپر جيان آهي تنهنڪري اهڙو پکي جنهن جو شَهپر ئي نہ هجي تہ اهو ڇا اڏامي سگهندو! ائين ئي اها دُعا جيڪا دُرُودِ پاڪ کان خالي هجي ڪيئن مَقبُول ٿي سگهي ٿي؟ [3]

تنهنڪري اسان کي گهرجي تہ هلندي ڦرندي، اٿندي ويهندي، دُرُودِ پاڪ جي ڪثرت ڪيون، خاص ڪري پنهنجي دُعائن جي شُروع ۽ آخر ۾ تہ نبي

---

[1] ...ترمذی، کتاب الوتر، باب ما جاء فی فضل الصلاۃ علی النبی...الخ، ۲/ ۲۸،حدیث: ۴۸۶

[2] ...کنز العمال،کتاب الأذکار,الباب,الثامن فی الدُعاء۱/۳۵، الجزء الثانی،حدیث: ۳۲۱۲

[3] ...فضائلِ دُعا،ص۶۹ملخصاً

www.dawateislami.net

ڪريم صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي ذاتِ مُبارڪ تي دُرُودِپاڪ لازمي پڙهندا ڪيون، ان جي بَرَڪت سان اسان جون دُعائون بارگاهه اِلٰهي ۾ مَقبُول ٿينديون. اِنْ شَآءَاللّٰہ عَزَّوَجَلَّ

| | |
|---|---|
| نظر کا نُور دلوں کیلئے قَرار دُرُود | عَقِیدتوں کا چَمن، رُوح کا نِکھار دُرُود |
| چراغِ یاسِ مُسلسل کے گُھپ اَندھیروں میں | غَموں کی دُھوپ میں ہے ابرِ سایہ دار دُرُود |
| دُرُود رُوح کی بالیدگی کا ساماں ہے | جَبِینِ شوق کو دیتا ہے اک نِکھار دُرُود |
| دُرُود نغمہٗ نعتِ نبی کا زینہ ہے | سدا بہار دُعاؤں کا ہے وقار دُرُود |
| گُلاب ذِہن کے پردوں پہ کِھلنے لگتے ہیں | زَباں پہ جب بھی مِری آتا ہے مُشکبار دُرُود |

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ياد رکو! دُعا دُنيا ۽ آخرت جون ڪوڙ ساريون ڀلائيون حاصل ڪرڻ جو ذريعو آهي، دُعا الله عَزَّوَجَلَّ کان مُناجات (يعني الله عَزَّوَجَلَّ جي ساراهه ۽ پنهنجي عاجزي جو اِظهار) ڪرڻ، ان جو قُرب حاصل ڪرڻ، ان جي عظيم بارگاهه مان مُرادون ماڱڻ، ان جي فضل ۽ انعام جو حقدار ٿيڻ، بخشش ۽ مغفرت جو پروانو حاصل ڪرڻ ۽ دُنيوي ۽ اُخروي مصيبتن ۽ مُشڪلاتن جي حل جو نهايت آسان ۽ مُجَرَّب ذريعو آهي، دُعا گهرڻ الله ربُّ العزت عَزَّوَجَلَّ جي پيارن ٻانهن جي عادت به آهي ۽ هڪ بهترين عبادت به، دُعا گهرڻ پياري مُصْطَفٰي صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي سنّت به آهي ۽ دُعا گنهگار ٻانهن جي حق ۾ الله عَزَّوَجَلَّ جي طرفان هڪ نهايت وڏي نعمت ۽ سعادت به آهي، دُعا جي اهميت ۽ قدر و منزلت جو اندازو هن ڳالهه مان به لڳائي سگهجي ٿو ته قرآنِ پاڪ ۾ خود الله عَزَّوَجَلَّ پنهنجن ٻانهن کي نه صرف پنهنجي بارگاهه ۾ دُعا گهرڻ جو حڪم فرمائي رهيو آهي بلڪ قبوليت جي خُوشخبري سان به نوازي رهيو آهي،

جيئن سيپاري 24 سوره مومن آيت نمبر 60 ۾ ارشاد آهي:

وَقَالَ رَبُّكُمُ ادْعُوْنِيْٓ اَسْتَجِبْ لَكُمْ ؕ (پ 24 مؤمن 60)

ترجمو ڪنزالايمان: ۽ توهان جي رب فرمايو مون کان دعا گهرو تہ مان قبول ڪندس

اهڙي طرح سيپاري 2 سورة البقره جي آيت نمبر 186 ۾ ارشادِ خُداوندي آهي:

وَاِذَا سَاَلَكَ عِبَادِيْ عَنِّيْ فَاِنِّيْ قَرِيْبٌ ؕ اُجِيْبُ دَعْوَةَ الدَّاعِ اِذَا دَعَانِ ۙ (پ۲البقرة:۱۸۶)

ترجمو ڪنزالايمان: ۽ اي محبُوب! جڏهن توهان کان مُنهنجا ٻانها مُنهنجو پُڇن تہ آئون نِهايت ويجهو آهيان ٻاڏائيندڙ جِي دُعا قُبول ڪندو آهيان جڏهن مُون کي ٻاڏائي تو

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** اسان جي پياري آقا، مڪي مدني مُصطَفٰي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي مُبارڪ زندگي جي ڏينهنَ مبارڪ جو مطالعو ڪيو وڃي تہ پاڻ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي معمولاتِ زندگي ۾ مختلف دُعائون، سندن صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو معمول رهيون، حضور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو هي مبارڪ عمل اُمّت کي سيکارڻ جي لاءِ بہ هو، مثال طور گهر ۾ داخل ٿيڻ جي دُعا، گهران نڪرڻ وقت جي دُعا، سمهڻ کان پهريان جي دُعا، بيدار ٿيڻ کان پوءِ جي دُعا، ماني کائڻ کان پهريان جي دُعا، ماني کائڻ کان پوءِ جي دُعا، لباس پائڻ جي دُعا، تيل لڳائڻ جي دُعا وغيره. پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم نہ صرف وقتاً فوقتاً دُعا جي اهميت کي بيان فرمايو بلڪ ڏينهن رات دُعا ۾ مصروف رهڻ جي ترغيب بہ ڏياري، اچو دُعا جي اهميت ۽ فضيلت جي باري ۾ ڪجھ احاديثِ مُبارڪ ٻڌون ٿا:

1. پياري آقا ،مڪي مدني مُصْطَفٰي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو:

اَلدُّعَاءُ مُخُّ الْعِبَادَةِ يعني دُعا عبادت جو مَغز آهي.[1]

[1] ...ترمذى،كتاب الدعوات،باب ماجاء فى فضل الدُعاء،۵/۲۴۳،حديث:۳۳۸۲

2. حضرت ابو هريرهرَضِيَ اللهُ تَعَالٰي عَنْهفرمائن ٿا تہ نبي ڪريم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو: اللّٰه عَزَّوَجَلَّجي ويجهو ڪا شيءِ دُعا کان وڌيڪ بزرگ ناهي.[1]

3. حضرت عبدُاللّٰه بن عمررَضِيَ اللهُ تَعَالٰي عَنْه فرمائن ٿا تہ حضورِ اقدسصَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو: جنهن شخص جي لاءِ دُعا جو دروازو کوليو ويو تہ ان جي لاءِ رحمت جو دروازو کوليو ويو اللّٰه عَزَّوَجَلَّ کان ڪيل سوالن مان پسنديده سوال عافيت جو آهي. جيڪي مصيبتون نازل ٿي چڪيون ۽ جيڪي نازل نہ ٿيون، ان سڀ ۾ دُعا سان نفعو ٿيندو آهي، تہ اي اللّٰه عَزَّوَجَلَّجا ٻانهؤ! دُعا ڪرڻ کي (پاڻ تي) لازم ڪيو.[2]

4. حضرت جابر بن عبدُ اللّٰه رَضِيَ اللهُ تَعَالٰي عَنْه فرمائن ٿا تہ حضورِ انورصَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو: ڇا مان توهان کي اها شيءِ نہ ٻڌايان جيڪا توهان کي توهان جي دُشمن کان نجات ڏي ۽ توهان جي رِزق کي ڪشاده ڪري، رات ڏينهن اللّٰه عَزَّوَجَلَّ کان دُعا گهرندا رهو ڇوتہ دُعا مومن جو هٿيار آهي.[3]

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** اوهان ٻڌو تہ احاديثِ مُبارڪ ۾ دُعا گهرڻ جا ڪيترا فضائل بيان فرمايا ويا آهن جو دُعا مصيبتن ۽ تڪليفن کان ڇوٽڪاري جي لاءِ بہ فائدي مند آهي ۽ رِزق ۾ برڪت ۽ ڪشادَگي جو سبب بہ آهي، دُشمنن کان نجات جو ذريعو بہ آهي ۽ مومن جو هٿيار بہ ڇوتہ مومن ٻانهو دُعا جي ذريعي وڏي کان وڏي مصيبت ۽ مشڪل کان مشڪل حالتن جو مقابلو ڪري سگهي ٿو، تنهنڪري هر مسلمان کي گهرجي تہ خُوشي ۽ غمي هر حالت

---

[1]...ترمذی،کتاب الدعوات،باب ماجاء فی فضل الدُعاء،۵/۲۴۳،حديث:۳۳۸۱

[2]...ترمذی،کتاب الدعوات،باب فی دُعاء النبی ، ۵/۳۲۱،حديث: ۳۵۵۹

[3]...مسند ابو يعلی،مسند جابر بن عند الله ۲/۲۰۱،حديث:۶ ۱۸۰

www.dawateislami.net

۾ الله عَزَّ وَجَلَّ کي ياد ڪري ۽ دُنيا ۽ آخرت جي پلائين کي حاصل ڪرڻ ۽ طرح طرح جي مشڪلن کان نجات جي لاءِ بارگاهه الٰهي ۾ ٻاڏائي ڪري دُعا گهري ۽ دُعا ۾ غفلت نہ ڪري .

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِيب! صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** ياد رهي تہ دُعا افضل ترين عبادت آهي، جنهن جي ذريعي هڪ مسلمان پنهنجي رَبّ عَزَّ وَجَلَّ سان ڇڻ تہ هم ڪلام ٿيندو آهي، حديثِ پاڪ ۾ آهي: اَفْضَلُ الْعِبَادَةِ الدُّعَاءُ يعني دُعا افضل ترين عبادت آهي.[1] ان ڪري جهڙي طرح تمام عبادتن جا ڪجھ نہ ڪجھ شرائط ۽ آداب هوندا آهن، جن تي انهن عبادتن جي قبوليت ۽ دُرستگي جو دار و مدار هوندو آهي، اهڙي طرح دُعا جا بہ ڪجھ آداب آهن، دُعائن جي قبوليت ۾ انهن آداب کي هڪ خاص اهميت حاصل آهي، جيڪڏهن دُعا ۾ انهن آداب جو خيال رکيو وڃي تہ قبوليتِ دُعا جا اِمڪان وڌي ويندا آهن، تنهنڪري جيڪڏهن اسان چاهيون ٿا تہ اسان جون دُعائون بارگاهه اِلٰهي ۾ قبول ٿين تہ اسان کي کپي تہ دُعا جي آداب جو خاص خيال رکندا ڪيون.

## ڪتاب"فضائلِ دُعا" جو تعارف

اَلحمدُلِلّٰهِ عَزَّوَجَلَّ دُعائن جي قبوليت جي آدابِ جي معلومات حاصل ڪرڻ جي لاءِ مڪتبة المدينہ جي شايع ٿيل 326 صفحن تي مشتمل ڪتاب"**فضائلِ دُعا**"جو مطالعو ڪرڻ بي حد مُفيد آهي، اهو ڪتاب درحقيقت اعلٰي حضرت رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰي عَلَيه جي والد محترم حضرت علاّمہ مولانا نقي علي خان رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰي عَلَيه

---

[1] …كنز العمال،كتاب الاذكار،الباب,الثامن فى الدُعاء،٢٩/١، الجزء الثانى،حديث:٣١٣١

جي تصنيف ”اَحْسَنُ الْوِعَاءِ لِاٰدَابِ الدُّعَاءِ“ جي تسهيل آهي، هن ڪتاب ۾ دُعا جا فضائل، دُعا جا آداب، قبوليتِ دُعا جا سبب، قبوليتِ دُعا جا وقت، قبوليتِ دُعا وارا هنڌ، دُعائن جي قبول ٿيڻ ۾ اسمِ اعظم جي اهميت، قبوليتِ دُعا ۾ رُڪاوٽ بڻجڻ وارا سبب، دعا گهرڻ جا فائدا ۽ دُعا بابت اهم سوالن جوابن کي بيان ڪيو ويو آهي. شايد اهو چوڻ غلط نہ ٿيندو تہ اهو ڪتاب هر گهر جي ضرورت آهي، تنهنڪري اڄ ئي هن ڪتاب کي مڪتبة المدينہ جي بستي تان هديةً طلب فرمايو، پاڻ بہ ان جو مُطالعو ڪيو ۽ ٻين کي بہ ان جي ترغيب ڏياريو، ۽ دعوتِ اسلامي جي ويب سائٽ www.dawateislami.net تان هن ڪتاب کي رِيڊ (يعني پڙهي) بہ سگهجي ٿو، ڊاؤن لوڊ (Download) ۽ پرنٽ آؤٽ (Print Out) بہ ڪري سگهجي ٿو.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

اچو دُعا جا ڪجھ آداب ۽ ان ضمن ۾ قبوليتِ دُعا جا واقعا پڙهون ٿا.

## پنهنجي رَبّ کي محبوب نالن سان پڪاريو

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! دُعا جي آداب مان اهو بہ آهي تہ دُعا ڪرڻ وارو شروع ۾ الله عَزَّ وَجَلَّ کي ان جي محبوب نالن سان سڏي. رسولُ الله صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمائن ٿا: الله تعاليٰ پنهنجي اسمِ پاڪ ” اَرْحَمُ الرَّاحِمِيْن“ تي هڪ ملائڪ مقرر فرمايو آهي تہ جيڪو شخص ان کي ٽي (3) ڀيرا چوي ٿو، ملائڪ نِدا ڪندو آهي(يعني آواز ڏيندو آهي): گهُر اَرْحَمُ الرَّاحِمِيْن تو ڏانهن متوجھ ٿيو.[(1)]

اهڙي طرح پنج (5) ڀيرا ”يا رَبَّنَا“ چوڻ بہ دُعا جي قبوليت ۾ گهڻو اَثر

---

[1]…مستدرک، کتاب الدُعاء والتکبير...الخ، باب انّ للّٰہ ملکاً موکلاً ... الخ، ج۲/۲۳۹،حديث: ۲۰۴۰

رکي ٿو. قرآنِ ڪريم ۾ ان لفظِ مبارڪ کي پنج (5) ڀيرا ذڪر ڪري ان ڪان پوءِ ارشاد فرمايو:

فَاسْتَجَابَ لَهُمْ رَبُّهُمْ (پ۴، اٰل عمران: ۱۹۵) ترجمو ڪنز الايمان: پوءِ اُنھن جي پالڻھار سندن دُعا قُبول ڪئِي

امام جعفر صادق رَضِيَ اللهُ تَعَالٰي عَنْه ڪان منقول آھي:جيڪو شخص بي وسي وقت پنج (5) ڀيرا ”يا رَبَّنَا “ چوي تہ جنھن جو خوف رکي ٿو اللّٰه تعاليٰ ان کي ان شيءِ ڪان امان بخشيندو ۽ جيڪا شيءِ چاھي ٿو،عطا فرمائيندو.[1]

## دُعا ڪان پھريان نيڪ عمل

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! دُعا جي آداب مان ھڪ ادب اھو بہ آھي تہ دُعا ڪان پھريان ڪو نيڪ عمل ڪيو وڃي جيئن حضرت سَيِدُنا امام جَزري رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰي عَلَيه تحرير فرمائن ٿا: اٰدَابُ الدُّعَاءِ مِنْهَا تَقْدِيمُ عَمَلٍ صَالِحٍ وَذِكْرُهُ عِنْدَالشِّدَّةِ يعني ھر مشڪل ۾ الله عَزَّ وَجَلَّ کي ياد ڪرڻ ۽ دُعا ڪان پھريان نيڪ عمل ڪرڻ دُعا جي آداب مان آھي.[2] جڏھن ڪو ٻانھو اِخلاص سان ڪيل نيڪ عمل کي اللهعَزَّ وَجَلَّ جي بارگاھ ۾ وسيلو بڻائي دُعا گھرندو آھي تہ الله عَزَّ وَجَلَّ ان جي صدقي ٻانھي جي دُعا قبول ڪندو آھي.اچو ھن باري ۾ ھڪ ايمان افروز واقعو ٻڌون ٿا:

## نيڪ عملن جي وسيلي سان ڪيل دُعا جي برڪت

دعوتِ اسلامي جي اشاعتي اداري مڪتبة المدينہ جي شايع ٿيل 656 صفحن تي مشتمل ڪتاب ”فيضانِ رياضُ الصالحين“ جي صفحي 139 تي آھي:

---

[1] ...روح المعاني، پ ۳، آل عمران، تحت الاية:۱۹۴،۴/ ۵۱۲

[2] ...الحصن الحصين،آداب الدُعاء،ص۲۳

www.dawateislami.net

حضرتِ سَیِدُنا عبدُ اللہ بن عمر رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہ فرمائن ٿا تہ رسولُ اللہ صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو: گذريل زماني ۾ ٽي (3) شخص ڪيڏانهن وڃي رهيا هئا تہ برسات ٿيڻ لڳي تہ اهي پناهہ وٺڻ جي لاءِ هڪ غار ۾ داخل ٿيا، اوچتو جبل تان هڪ چٽان (چپ) ڪري جنهن غار جو منهن بند ڪري ڇڏيو. اهو ڏسي انهن چيو: هن مصيبت مان نجات جو هڪ ئي طريقو آهي تہ اسان پنهنجن پنهنجن نيڪ عملن جو وسيلو اللہ عَزَّوَجَلَّ جي بارگاهہ ۾ پيش ڪري دُعا ڪيون. پوءِ انهن مان هڪ چيو: ياالله عَزَّوَجَلَّ! منهنجا ماءُ پيءُ نهايت پوڙها ٿي ويا هئا، مان انهن کان اڳ ۾ نہ تہ پنهنجي اهل و عيال کي پيئڻ جي لاءِ کير ڏيندو هئس نہ ئي پنهنجي نوڪرن کي، هڪ ڏينهن مان وڻن جي تلاش ۾ گهڻو پري هليو ويس، جڏهن واپس موٽيس تہ منهنجا والدين سمهي رهيا هئا، مان کير کڻي انهن وٽ آيس تہ انهن کي ستل ڏٺم، مون نہ انهن کي جاڳائڻ مناسب سمجهيو ۽ نہ ئي انهن کان پهريان اهل وعيال مان ڪنهن کي ڏيڻ پسند ڪيو، بلڪ مان کير جو پيالو کڻي پنهنجي والدين وٽ بيٺل رهيس، جڏهن صبح ٿيو تہ مون انهن کي کير پيش ڪيو. ياالله عَزَّوَجَلَّ! جيڪڏهن مون اهو عمل صرف تنهنجي رضا جي لاءِ ڪيو هو تہ اسان کي اِن مصيبت مان نجات عطا فرما! ان جي دُعا سان چِپ (پٿرجي) ڪجھ سِرڪي پئي، پر اجا بہ ايتري جڳھ نہ نهي جو اُهي نڪري سگهن، پوءِ ٻئي چيو: ياالله عَزَّوَجَلَّ! مون کي منهنجي چاچي جي ڌيءُ ماڻهن ۾ سڀ کان وڌيڪ محبوب هئي، مون ان سان بُرائي جو اِرادو ڪيو تہ ان انڪار ڪري ڇڏيو، پوءِ اها ڏڪار( تنگدستي) ۾ مبتلا ٿي تہ مون وٽ آئي مون ان شرط تي ان کي 100 دينار ڏنا تہ هوءَ منهنجي خواهش پوري ڪري، هوءَ مجبور هئي تيار ٿي وئي، جڏهن مان ان سان اڪيلائي ۾ ويس ۽ ان تي قابو ٿيس تہ ان چيو: اللہ عَزَّوَجَلَّ کان ڊڄ ۽ ناحق مُهر کي نہ ٽوڙ (يعني ان بُري ڪم

www.dawateislami.net

ڪان پاسو ڪر) اهو ٻڌي مون ان کي ڇڏي ڏنو ۽ مون بُرائي کان پاسو ڪيو، حالانڪ مون کي ان سان گهڻي محبت هئي، پوءِ مون ان کان اهي دِينار به واپس نه ورتا، يااللهﷻ! جيڪڏهن مون اهو عمل صرف تنهنجي رضا جي لاءِ ڪيو هو ته اسان کي اِن مصيبت مان نجات عطا فرما! ڇپ ڪجهه وڌيڪ سرڪي پر اجا به اهي ٻاهر نه نڪري سگهيا ها. ٽئي چيو: يااللهﷻ! مون ڪجهه مزدورن کان ڪم ڪرايو ۽ سڀني جي مزدوري ڏئي ڇڏي، پر ان مان هڪ مزدور اُجرت ڇڏي هليو ويو، مون اها رقم واپار ۾ لڳائي ڇڏي ته ان جي رقم وڌندي رهي ڪجهه عرصي کان پوءِ اهو آيو ۽ چيائين: اي اللهﷻ جا ٻانها! منهنجي اُجرت مون کي ڏئي ڇڏ، مون چيو: اِهي اُٺ، ڳئون، ٻڪري ۽ غلام جيڪي ڪجهه توهان ڏسي رهيا آهيو، اهي سڀ توهان جا آهن. ان چيو: اي اللهﷻ جا ٻانها! مون سان مذاق نه ڪر. مون چيو: مان مذاق نه پيو ڪيان، اِهي سڀ ڪجهه توهان جا ئي آهن. پوءِ، اهو سڀ مال ڪٺي هليو ويو ۽ ڪجهه به نه ڇڏيائين. يااللهﷻ! جيڪڏهن منهنجو اهو عمل تنهنجي رضا جي لاءِ هو ته اسان کي ان مصيبت مان نجات عطا فرما! پوءِ ڇپ وڌيڪ سرڪي ۽ اهي ٽئي ٻاهر نڪري پنهنجي منزل ڏانهن روانا ٿيا.[1]

## نيڪ عملن جي وسيلي سان دُعا

عَلاَّمَہ اِبنِ بَطّال رَحۡمَۃُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیہ هن حديثِ پاڪ تحت فرمائن ٿا: جيڪو شخص سچي نيت سان پنهنجي انهن عملن جي وسيلي سان دُعا گهري، جيڪي ان خالص اللهﷻ جي رضا جي لاءِ ڪيا هئا ته اُميد آهي ته ان جي دُعا قبول ٿيندي، جڏهن غار ۾ ڦاٿل ماڻهن پنهنجي انهن عملن جي وسيلي سان دُعا گهري جيڪي انهن خالص الله جي رضا جي لاءِ ڪيا هئا ۽ انهن اميد ڪئي ته

---

[1] ...بخا ری، ڪتاب الانبياء، باب حديث الغار، ۴۶۴/۲، حديث:۳۴۶۵

www.dawateislami.net

انهن جي وسيلي سان غار جو منهن کلي ويندو، تہ الله عَزَّوَجَلَّ انهن جي دُعا قبول فرمائي انهن تي فضل فرمايو ۽ انهن کي غار مان نجات بخشي.[1]

نہ کر رَد کوئی اِلتجاء یا اِلٰہی ہو مقبول ہر اِک دُعا یا اِلٰہی
رہے ذِکر آٹھوں پَہر ِ میرے لب پر ترا یا اِلٰہی ترا یا اِلٰہی

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! حديثِ پاڪ ۽ ان جي شرح جي روشني ۾ اهو بہ معلوم ٿيو تہ جيڪو نيڪ عمل صرف ۽ صرف الله عَزَّوَجَلَّ جي رضا جي لاءِ ڪيو ويو هجي اهو ئي دُنيا ۽ آخرت ۾ فائدو ڏيندو، رِياڪاري سان عبادت نہ صرف بي فائده آهي بلڪ مصيبت جو سبب بہ آهي، نبي ڪريم، رؤفٌ رَّحيم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو: جيڪو ماڻهن جي لاءِ اهڙن عملن سان پاڻ کي سينگاري جو جن جي حقيقت الله عَزَّوَجَلَّ جي علم ۾ ڪجهہ بي هجي تہ الله عَزَّوَجَلَّ ان کي پنهنجي بارگاهہ کان پري ڪندو آهي.[2] ۽ رضاء اِلٰهي جي بدران ڏيکاء جي لاءِ نيڪ عمل ڪرڻ واري جي باري ۾ حديثِ پاڪ ۾ آهي تہ قيامت جي ڏينهن رياڪار کي چيو ويندو تہ تون پنهنجو اجر ان وٽ وڃي تلاش ڪر جنهن جي لاءِ تون عمل ڪندو هئين.[3]

بهرحال اسان کي بہ کپي تہ دُعا کان پهريان استطاعت مطابق اخلاص سان کو نيڪ عمل ڪري ونون، ڪافي بزرگن سڳورن رَحِمَهُمُ اللهُ الْمُبِين جو اهو طرزِ عمل هو تہ اهي حضرات دُعا کان پهريان بہ (2) رڪعت نفل پڙهي وٺندا هئا ۽ ان کان پوءِ دُعا گهرندا هئا جيئن تہ ...

---

[1] ...شرح بخارى لابن بطال، كتاب الادب، باب اجابة دُعاء من بر والديه، ٩/ ١٩٣

[2] ...جامع الاحاديث،قسم الاقوال،١٦٩/٧،حديث:٢١٦٦٠

[3] ...اتحاف السادة المتقين، كتاب ذم الجاه الرياء، باب بيان ذم الرياء١٠/٧٣مختصراً

www.dawateislami.net

# ظالم حاڪم ڪان نجات

جڏهن صَفوَان بن مُحرِز جي پاڻٽي ڪي زماني جي ظالم ۽ جابر حاڪم ابنِ زياد قيد ڪري ورتو تہ پاڻ نهايت پريشان ٿيا ۽ پنهنجي پائيٽي جي رِهائي جي لاءِ بصره جي اميرن ۽ بااثر ماڻهن ڪان سفارش ڪرائي پر ڪاميابي نہ ملي، ابنِ زياد سيني جي سفارشن کي رَد ڪري ڇڏيو، صَفوَان بن مُحرِز وڏي تڪليف دِه حالت ۾ رات گذاري رات جي پوئين پهر انهن جي اوچتو اک لڳي تہ خواب ۾ ڪنهن چوڻ واري چيو: اي صَفوَان بن مُحرِز! اُٿ ۽ پنهنجي حاجت طلب ڪر اهو خواب ڏسندي سندن اک کلي وئي هڪ اڻ ڄاتل خوف سندن جسم تي ڏڪڻي طاري ڪري ڇڏي انهن وضو ڪري ٻہ رڪعت نماز ادا ڪئي ۽ پوءِ روئي روئي بارگاهِ خُداوندي ۾ دُعا ڪرڻ لڳا، اهي پنهنجي گهر ۾ دُعا ۾ مصروف ها ۽ هوڏانهن ابنِ زياد بي چيني ۽ تڪليف ۾ مبتلا هو، ان سپاهين کي حڪم ڏنو تہ مون کي صَفوَان بن مُحرِز جي پائيٽي وٽ وٺي هلو، سپاهي فوراً مَشعل (روشني) کڻي ابنِ زياد وٽ آيا، ظالم حڪمران پنهنجي سپاهين سان گڏ جيل ڏانهن هلڻ لڳو، اتي پهچي ان جيل جا در کولرايا ۽ بلند آواز سان چيائين: صَفوَان بن مُحرِز جي پائيٽي کي فوراً آزاد ڪري ڇڏيو، ان جي ڪري مون سڄي رات بي چيني جي عالَم ۾ گذاري آهي، حاڪم جو آواز ٻڌي سپاهين فوراً صَفوَان بن مُحرِز جي پائيٽي کي جيل مان ڪڍيو ۽ ابنِ زياد جي سامهون بيهاري ڇڏيائون، ابنِ زياد وڏي نرمي سان گفتگو ڪئي ۽ چيائين: وڃو! خُوشي خُوشي پنهنجي گهر هليا وڃو، توهان تي ڪنهن قسم جو ڪو جُرمانو وغيره ناهي، ايترو چئي ابنِ زياد ان کي آزاد ڪري ڇڏيو، اهو سڌو پنهنجي چاچي صَفوَان بن مُحرِز وٽ پهتو ۽ دروازي تي دستڪ ڏني، اندران آواز آيو: ڪير؟ چيائين اوهان جو پائيٽو. پنهنجي پائيٽي جي ان طرح اوچتي اچڻ تي اوهان نهايت حيران ٿيا ۽ دروازو کولي

اندر وڃي ويا، پوءِ حقيقتِ حال معلوم ڪئي ته ان رات وارو سڄو واقعو ٻڌائي ڇڏيو، صَفوَان بن مُحرِز الله عَزَّوَجَلَّ جو شڪر ادا ڪيو ۽ پنهنجي ياڻين سان گفتگو ڪرڻ لڳا.[1]

مہرباں تُو ہی تُو ہی مددگار اُس دُکھی دل کا تُو حامیِ کار
جس کو دُنیا نے ٹھکرا دِیا ہے یا خدا تجھ سے میری دُعا ہے

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## دل سان گهرندڙ دعا اثر ڪري ٿي

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! دُعا جو هڪ اَدَب اهو به آهي ته ظاهري حالت سان عاجزي ۽ انڪساري جو اظهار هجي، دل حاضر هجي ۽ دُعا گهرڻ وارو ان ڳالهه جو يقين رکي ته الله عَزَّوَجَلَّ منهنجي دُعا پنهنجي فضل ۽ ڪرم سان ضرور قبول فرمائيندو. پياري آقا، مڪي مدني مُصطَفٰي صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو: اُدْعُوا اللّٰهَ وَاَنْتُمْ مُوقِنُوْنَ بِالْاِجَابَةِ وَاعْلَمُوا اَنَّ اللّٰهَ لَايَسْتَجِيبُ دُعَاءً مِن قَلْبٍ غَافِلٍ لَاهٍ يعني الله عَزَّوَجَلَّ کان اهڙي طرح دُعا گهرو جو توهان کي قبوليتِ دُعا جو پورو يقين هجي ۽ ياد رکو ته الله عَزَّوَجَلَّ غافل دل جي دُعا ناهي ٻڌندو.[2]

هڪ ڀيري حضرت سَيدُنا موسيٰ عَلَيهِ السَّلَام جو هڪ اهڙي شخص وٽان گذر ٿيو جيڪو نهايت ٻاڏائي دُعا گهري رهيو هو. حضرت موسيٰ عَلَيهِ السَّلَام جن فرمايو ته جيڪڏهن منهنجي وس ۾ هجي ها ته مان ضرور ان جي حاجت پوري ڪيان ها، الله عَزَّوَجَلَّ انهيءَ وقت حضرت موسيٰ عَلَيهِ السَّلَام تي وحي موڪلي: اي

---

[1] ...عيونُ الحكايات،۲/۲۲۰
[2] ...ترمذی،کتاب الدعوات،باب فی جامع الدعوات،۵/۲۹۲،حدیث:۳۴۹۰

www.dawateislami.net

موسيٰ مان تو کان وڌيڪ رحيم ۽ ڪريم آهيان، پر ڳالهه هيءَ آهي تہ اهو شخص مون کي ٺئي پڪاري رهيو آهي، پر ان جي دل پنهنجي ٻڪرين ۾ لڳل آهي ۽ مان اهڙي شخص جي دُعا نہ ٻڌندو آهيان، جنهن جي دل غير ڏانهن لڳل هجي.جڏهن حضرت موسيٰ عَلَيه السَّلام اها ڳالهه ان شخص کي ٻڌائي تہ ان دل سان الله عَزَّوَجَلّ جي بارگاهہ ۾ دُعا گهري ۽ ان جي حاجت پوري ٿي وئي .[1]

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** معلوم ٿيو تہ بي ڌياني ۽ بي يقينيءَ سان صرف رسمي انداز ۾ دُعا هرگز هرگز نہ گهرڻ گهرجي بلڪ جڏهن بہ دُعا گهري وڃي، انتهائي توجہ ۽ يڪسوئي سان يقيني انداز ۾ گهري وڃي، بعض اوقات اسان ڪافي عرصي سان هڪ ئي دُعا گهري رهيا هوندا آهيون پر اها قبول ناهي ٿيندي، جنهن سبب موقعو ڳولي شيطانِ لعين اسان جي دل ۾ طرح طرح جا وسوسا وجهندو آهي، اسان کي گهرجي تہ شيطاني وسوسن کان بچندي دُعا جي قبول نہ هئڻ ۾ پنهنجو قصور سمجهون ۽ پنهنجو ذهن ٺاهيون تہ جڏهن الله عَزَّوَجَلّ جي عطا ۾ ڪا ڪمي ناهي تہ يقيني طور تي اسان جي دُعا ۾ ئي بي يقيني، بي توجهي يا ڪا بي ڪمي رهجي وئي هوندي، جيڪا اسان جي دُعا جي قبوليت ۾ رُڪاوٽ جو سبب بڻجندي هوندي يا پوءِ اسان جي مرضي جي مُطابق مُراد نہ ملڻ ۾ اسان جي ئي ڀلائي هوندي.

## نابين کي اکيون ملي ويون

چون ٿا: هڪ ڀيري اَورنگ زَيب عالمگير رَحمَةُ اللهِ تَعَالي عَلَيه سلطانُ الهند خواجہ غريب نواز رَحمَةُ اللهِ تَعَالي عَلَيه جي مزار مبارڪ تي حاضر ٿيا. احاطي ۾ هڪ انڌو فقير ويهي صدا لڳائي رهيو هو: يا خواجہ غريب نواز رَحمَةُ اللهِ تَعَالي عَلَيه! اکيون ڏئي. پاڻ ان فقير کان معلوم ڪيو: بابا! ڪيترو عرصو ٿيو آهي اکيون

[1] ...روح البيان،پ۸،الاعراف،تحت الاية:۵۶،۳/۱۷۸

www.dawateislami.net

گھرندي؟ چيائين، عرصو گذري ويو پر مُراد پوري ئي نہ پئي ٿئي. فرمايائون: مان مزارِ پاڪ تي حاضِري ڏئي ٿوري دير ۾ واپس موٽان ٿو جيڪڏهن اکيون روشن ٿيون تہ نيڪ، نہ تہ قتل ڪرائي ڇڏيندس. اهو چئي فقير تي پهرو لڳرائي بادشاھ حاضِري جي لاءِ اندر ويو. هوڏانهن فقير تي گِريو طاري هو ۽ روئي روئي فرياد ڪري رهيو هو: يا خواجہ رَحمَۃُ اللہِ تَعَالٰی عَلَیہ! پهريان تہ صرف اکين جو مسئلو هو هاڻي تہ جان جو خطرو آهي، جيڪڏهن اوهان ڪرم نہ فرمايو تہ مارجي ويندس. جڏهن بادشاھ حاضري ڏئي واپس موٽيو تہ ان جون اکيون روشن ٿي چڪيون هيون. بادشاھ مسڪرائي فرمايو تہ توهان ايستائين بي دِلي ۽ بي توجُّهي سان دعا گهري رهيا هيو ۽ هاڻي جان جي خوف سبب توهان دل جي تڙپ سان سوال ڪيو تہ توهان جي مُراد پوري ٿي وئي.

هو چشمِ شفا اب تو شَہا! سُوئے مریضاں عِصیاں کے مَرَض نے ہے بڑا زور دکھایا

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! معلوم ٿيو تہ اللہ عَزَّوَجَلَّ جي ولين جي مزارات تي خُلوصِ دل سان انهن جي وسيلي سان ڪيل دُعا بہ قبول ٿيندي آهي، تنهنڪري اسان کي بہ گهرجي تہ پنهنجي حاجتن جي لاءِ وقتاً فوقتاً اولياء ڪرام رَحمَۃُ اللہِ تَعَالٰی عَلَیہِمْ اَجْمَعِین جي مزارات تي حاضري ڏيندا رهون ۽ انهن جي وسيلي سان دُعائون گهرون. والدِ اعليٰ حضرت، حضرتِ علّامہ مولانا نقي علي خان رَحمَۃُ اللہِ تَعَالٰی عَلَیہ دُعا جا آداب بيان ڪندي فرمائن ٿا تہ اللہ تعاليٰ جي نالن ۽ صِفتن ۽ ان جي ڪتابن خصوصاً قرآن ۽ ملائڪ ۽ انبياء ڪرام عَلَیہِمُ الصَّلٰوۃُ وَالسَّلَام بالخصوص حضور عَلَیہِ الصَّلٰوۃُ وَالسَّلَام ۽ اللہ عَزَّوَجَلَّ جي ولين خصوصاً حضور غوثِ اعظم رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہ کي پنهنجي حاجتن جي پورو ٿيڻ جي لاءِ وسيلو بڻائي جو محبوبانِ خُدا جي وسيلي سان

دُعا قبول ٿيندي آهي. (فضائلِ دُعا،ص۷۱بتغير قليل) قرآنِ پاڪ ۾ اللّٰهعَزَّوَجَلَّ پنهنجي بارگاهه ۾ وسيلو اختيار ڪرڻ جو حڪم ڏيندي ارشاد فرمائي ٿو:

وَ ابْتَغُوْٓا اِلَيْهِ الْوَسِيْلَةَ: ”ترجمو ڪنز الايمان: ۽ ان جي طرف وسيلو ڳوليو“ (1)

تنهنڪري دُعائن جي قبوليت جي لاءِ اللّٰهعَزَّوَجَلَّ جي پيارن کي وسيلو بنائڻ گهرجي ۽ ٿي سگهي ته نيڪ ٻانهن کان پنهنجي لاءِ دُعا به ڪرائڻ گهرجي، چوته اللّٰه عَزَّوَجَلَّ پنهنجي نيڪ ٻانهن جي دُعاءِ خير ۽ دُعاءِ نقصان ضرور قبول فرمائيندو آهي.جيئن ته

حضرت الحاج مولانا عبدُ المصطفي اعظمي رَحمَۃُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیہ فرمائن ٿا: اللّٰه تعاليٰ جي محبوب ٻانهن عالمن، ولين، ۽ سمورن نيڪن جي ڪنهن جي خلاف دُعائون گهرڻ نهايت ئي خطرناڪ ۽ هلاڪت ڪندڙ بلائون آهن. انهن بزرگن جي دُعاءِ ضَرَر ۽ ڦٽڪار اها تلوار آهي جنهن جي ڪا ڍال ناهي ۽ اهو تباهي ۽ بربادي جو اهو زهر آلود تِير آهي جنهن جو نشانو ڪڏهن خطا ناهي ٿيندو، تنهنڪري هر مسلمان تي لازم آهي ته سڄي زندگي هر هر قدم تي اهو ڌيان رکي ته ڪڏهن به اللّٰه تعاليٰ جي نيڪ ٻانهن جي شان ۾ ذرّي برابر به بي ادبي نه ٿئي ۽ بزرگانِ دِين مان ڪنهن جي به دُعاءِ ضَرَر( بد دعا) نه وٺو بلڪ هميشه ان ڪوشش ۾ لڳل رهي ته خُداعَزَّ وَجَلَّ جي نيڪ ٻانهن جون دُعائون ملنديون رهن چوته نيڪ ٻانهن جون نقصان جي لاءِ دُعائون بربادي جو خوفناڪ سگنل (Signal اِشارو) ۽ انهن جون نيڪ دُعائون آبادي جو مٺو ميوو آهي.(2)

اچو ان باري ۾ هڪ ايمان افروز حڪايت ٻڌو ۽ پنهنجي دل ۾ اولياءِ ڪرام رَحِمَهُمُ اللّٰهُ السَّلَام جي مزيد عظمت پيدا ڪيو:

---

1...پ۶، المائدة: ۳۵

2...ڪراماتِ صحابه ،ص۱۳۶

www.dawateislami.net

## اکيون بي نور ٿي ويون

حضرت سَيِدُنا عثمان بن عطاء رَحْمَةُ اللّٰہِ تَعَالٰي عَلَيه فرمائن ٿا تہ حضرت سيدنا ابومسلم خولانيرَحْمَةُ اللّٰہِ تَعَالٰي عَلَيه جڏهن مسجد کان پنهنجي گهر ڏانهن ويندا هئا تہ دروازي تي پهچي الله اَکبَر جي صدا بلند ڪندا ها، جواب ۾ سندن زوجہ محترمہ رَحْمَةُ اللّٰہِ تَعَالٰي عَلَيها بہ الله اَکبَر چوندي هئي. پوءِ جڏهن پاڻ رَحْمَةُ اللّٰہِ تَعَالٰي عَلَيه اڳتي ۾ ويندا ها تہ الله اَکبَر چوندا ها، جواب ۾ سندن گهرواريءَ بہ الله اَکبَر چوندي هئي. جڏهن ڪمري ۾ داخل ٿيندا ها تہ وري الله اَکبَر چوندا ها ۽ جواب ۾ سندن زوجہ محترمہ بہ الله اَکبَر چوندي هئي، اهو پاڻرَحْمَةُ اللّٰہِ تَعَالٰي عَلَيه جي هر ڏينهن جو معمول هو هڪ رات جڏهن پاڻ رَحْمَةُ اللّٰہِ تَعَالٰي عَلَيهگهر موٽي آيا ۽ پاڻرَحْمَةُ اللّٰہِ تَعَالٰي عَلَيه دروازي وٽ پهتا ۽ معمول مطابق الله اَکبَر چيو پر جواب نہ مليو، پوءِ جڏهن اڳتي ۾ پهچي الله اَکبَر چيو تڏهن بہ جواب نہ مليو، جڏهن ڪمري ۾ پهتا ۽ الله اَکبَر چيائون تڏهن بہ سندن زوجہ جواب ۾ الله اَکبَر نہ چيو، پاڻ رَحْمَةُ اللّٰہِ تَعَالٰي عَلَيه جي زوجہ محترمہ سندن ڪي ماني ڏني ۽ چُپ چاپ زمين تي ويهي رهي، ائين پئي لڳو جيئن هوءَ اوهان سان ناراض آهي، سندن گهر ۾ روشني جي لاءِ ڏيئو تائين نہ هو، پر پاڻ پوءِ بہ صبر ۽ شڪر ڪندڙ هئا. جڏهن سندن پنهنجي زوجہ کي ناراض ڏٺائون تہ ان کان معلوم ڪيائون: اي اللهعَزَّ وَجَلَّ جي ٻانهي! تون چو پريشان آهين؟ اهو ٻڌي هوءَ چوڻ لڳي: توهان جو امير المؤمنين حضرت سَيِدُنا امير ِمُعاويہ رَضِيَ اللّٰہ تَعَالٰي عَنْه وٽ وڏو مرتبو آهي، اهي توهان جي نهايت تعظيم ڪندا آهن، جيڪڏهن اوهان اُنهن کان هڪ خادم گهرو تہ اُهي ضرور اوهان کي عنايت فرمائيندا، اسان وٽ هڪ بہ خادم ناهي جيڪو اسان جي خدمت ڪري سگهي، خادم اچي تہ اسان کي آساني ٿيندي، اِهو ٻڌي اوهان دُعا جي لاءِ هٿ کنيا ۽ اهڙي طرح بارگاهِ خُداوندي عَزَّوَجَلَّ ۾ عرض گذار

تيا: اي منهنجا پروردگار عَزَّوَجَلَّ! ان کي انڌو ڪري ڇڏ جنهن منهنجي گهر وارن جو ذهن خراب ڪيو آهي ۽ اسان ۾ فتنو وجهڻ جي ڪوشش ڪئي آهي، پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰي عَلَيه جي دُعا جو اثر فوراً ظاهر ٿيو ۽ پاڙيسرين مان هڪ عورت جون اکيون اوچتو بي نور ٿي ويون جيڪا پنهنجي گهر ۾ هئي ۽ اصل ٿيو هيئن جو انهيءَ عورت اچي سندن جي زوجه محترمه کي چيو هو تہ جيڪڏهن تون پنهنجي مڙس کي چوين تہ اهي اميرالمؤمنين حضرت سَيِدُنا امير معاويہ رَضِيَ اللهُ تَعَالٰي عَنْه کان غلام حاصل ڪري سگهن ٿا، ۽ جيڪڏهن توهان کي غلام ملي ويو تہ اهڙي طرح توهان جي زندگي پُرسُڪون ٿي ويندي. ڪجھ نظر نہ اچڻ جي ڪري ان گهر وارن کي چيو: توهان ڏيئا چو وِسايا آهن؟ گهر وارن چيو: ڏيئا تہ ٻري رهيا آهن، شايد! تنهنجون اکيون بي ڪار ٿي ويون آهن، هاڻي اها عورت نهايت پريشان ٿي ۽ جڏهن ان کي خبر پئي تہ هي حضرت سَيِدُنا ابو مُسلم خولاني رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰي عَلَيه جي دُعا جو اثر آهي تہ هوءَ پنهنجي حرڪت تي نهايت شرمسار ٿي ۽ پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰي عَلَيه کان معافي گهري ۽ زار وقطار روئڻ لڳي، ۽ عرض ڪرڻ لڳي: مون کي الله عَزَّوَجَلَّ جي رضا جي خاطر معاف فرمائي ڇڏيو ۽ الله عَزَّوَجَلَّ جي بارگاھ ۾ دُعا فرمايو تہ منهنجي نظر موٽي اچي، پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰي عَلَيه کي ان تي ترس اچڻ لڳو ۽ پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰي عَلَيه الله عَزَّوَجَلَّ جي بارگاھ ۾ دُعا جي لاءِ هٿ کنيا ۽ ان جي نظر جي لاءِ دُعا ڪئي پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰي عَلَيه اجا دُعا کان فارغ بہ نہ ٿيا جو ان عورت جون اکيون روشن ٿي ويون ۽ اها بلڪل نيڪ ٿي وئي .[1]

نگاهِ ولی میں وہ تاثیر دیکھی بدلتی ہزاروں کی تقدیر دیکھی

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

---

1...عيونُ الحكايات، ١/٩٠

www.dawateislami.net

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اوهان ڏٺو تہ اللّٰہ وارن جون دُعائون ڪيترو اثر رکنديون آهن جو هوڏانهن انهن نيڪ ٻانهن جي منهن مان دُعا نڪري ٿي هيڏانهن اللّٰہ عَزَّ وَجَلَّ جي بارگاهہ ۾ مقبول ٿي ويندي آهي، انهن جي دُعائن سان مصيبتون پري ٿين ٿيون،غم دُور ٿين ٿا، تقويٰ ۽ پرهيزگاري ۽ عبادت جو جذبو نصيب ٿئي ٿو. تنهنڪري اسان کي بہ گهرجي تہ نہ صرف نيڪ ماڻهن جون دُعائون حاصل ڪيون، بلڪ انهن جي نقشِ قدم تي هلڻ جي بہ ڪوشش ڪيون ان سان گڏوگڏ بُرن ماڻهن جي صحبت کان بچندي چڱن ۽ نيڪ ماڻهن جي صحبت اختيار ڪيون.

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## 12 مدني ڪمن مان هڪ مدني ڪم "هفتيوار سُنتن ڀريو اجتماع"

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! دُعا جي فيضان سان مالا مال ٿيڻ، دُعا ۾ رِقّت ۽ سوز لاءِ ۽ دُعا جا آداب سکڻ سيکارڻ جي لاءِ دعوتِ اسلامي جي مدني ماحول سان وابستہ ٿي ذيلي حلقي جي 12 مَدَني ڪمن ۾ وڌ کان وڌ حصّو وٺو. ذيلي حلقي جي 12مَدَني ڪمن مان هڪ مَدَني ڪم "هفتيوار سُنّتن ڀريي اجتماع ۾ شرڪت ڪرڻ" بہ آهي. اَلْحَمْدُ لِلّٰہ عَزَّوَجَلَّ سُنّتن ڀري اجتماع ۾ گهريل دُعائون ضَرور قبول ٿينديون آهن، ڇوتہ اتي اللّٰہ عَزَّوَجَلَّ جي نيڪ ٻانهن جو ذڪرِ خير ٿيندو آهي ۽ جنهن هنڌ اللّٰہ عَزَّوَجَلَّ جي نيڪ ٻانهن جو ذڪرِ خير ڪيو وڃي تہ اتي رحمتِ الٰهي جي ڇماڇم برسات ٿيندي آهي جيئن تہ

حضرت سيدُنا امام سُفْيان بِن عُيَيْنَہ رَحْمَةُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَيْه فرمائن ٿا: عِنْدَ ذِكْرِ الصّٰلِحِيْنَ تَنَزَّلُ الرَّحْمَة يعني نيڪ ماڻهن جي ذِڪر جي وقت رحمتِ الٰهي نازل ٿيندي

آهي.[1] ٿورو سوچيو تہ جتي ڇما ڇم رحمتون وسي رهيون هجن اتي دُعائون
ڇو قبول نہ ٿينديون. اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیه فرمائن ٿا: جماعت ۾ بَرَڪت
آهي ۽ مسلمانن جي ميڙ ۾ دُعا گهرڻ قبوليت جي گهڻو ويجهو آهي عُلَماء
فرمائن ٿا: جتي چاليھ (40) نيڪ مُسلمان گڏ ٿيندا آهن انهن مان هڪ ولی اللّٰہ
ضَرور هوندو آهي.[2] تنهنڪري هفتيوار سُنّتن ڀري اجتماع ۾ پابندي سان
شرڪت ڪي پنهنجو معمول بڻائي وٺو، سُنّتن ڀرين اجتماعن ۾ گهريل دُعائن
جا ثمرات ڪهڙي طرح ظاهر ٿيندا آهن. ٻڌو ۽ خوش ٿيو،

## اجتماعي دُعا ۾ توبه جي توفيق مل وئي

باب المدينہ ڪراچي جي هڪ اسلامي ڀاءُ جي بيان جو خُلاصو آهي،
جواني ۽ چڱي صحّت مون کي مغرور بڻايو هو، نِت نوان فينسي لباس
سبرائڻ، رات دير تائين آواره گردي ۾ وقت وڃائڻ، جُوا ۾ پيسا برباد ڪرڻ
وغيره منهنجو معمول هو. والِدَين سمجهائي سمجهائي ٿڪجي پيا ايستائين
جو ڪڏهن تہ منهنجي اصلاح جي لاءِ دُعا ڪندي امڙ سائڻ جا ڳوڙها نڪري
ايندا هئا. دعوتِ اسلامي سان وابستہ هڪ اسلامي ڀاءُ مون کي هفتيوار سنّتن
ڀري اجتماع جي دعوت پيش ڪندا ها پر آئون ٽاريندو رهيس، آخرڪار اسان
ٻئي اجتماع گاهہ ۾ پهچي وياسين، خُدا جو قسم ! مون زندَگي ۾ ڪڏهن
اهڙي رُوحانيت نہ ڏٺي نہ ٻڌي هئي، جڏهن رِقّت انگيز دُعا شُروع ٿي تہ اجتِماع
۾ شريڪ ٿيندڙن جي سُڏڪڻ جو آواز بُلند ٿيڻ لڳو ايستائين جو مون جهڙو
پٿر دل ماڻهو بہ سڏڪا ڀري روئڻ لڳو، مون پنهنجي گُناهن کان توبہ ڪئي ۽
دعوتِ اسلامي جي مَدَني ماحول جو ٿي ٻڌجي ويس .

---

[1]...حلية الاولياء،٧/٣٣٥، حديث: ١٠٧٥٠
[2]...فتاوٰى رضويہ،١٨۴/٢۴ بتغير قليل

www.dawateislami.net

شعر

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اوهان ڏٺو تہ نيڪ ماڻهن جي دُعائن ۾ شريڪ ٿي دُعا گهرڻ جون ڪهڙيون ڪهڙيون برڪتون آهن، واقعي اسان کي خبر ناهي تہ ڪهڙي نيڪ ٻانهي جي دُعا بارگاهِ الٰهي ۾ مقبول ٿي وڃي ۽ ان جي صدقي دُعا ۾ شريڪ سيني ماڻهن جا ٻيڙا پار ٿي وڃن. اچو هن باري ۾ هڪ واقعو ٻڌون ٿا، جيئن

## نيڪ ٻانهي جي دُعا تي آمين چوڻ جي برڪت

حضرتِ علّامہ جلالُ الدّين سُيوطِي شافِعي رَحمَۃ اللہِ تَعَالٰی عَلَیہ نَقل ڪندي فرمائن ٿا: حضرتِ سيدُنا يزيد بن هارون رَحمَۃ اللہِ تَعَالٰی عَلَیہ فرمائن ٿا: مون حضرتِ سيدُنا ابواسحق محمد بن يزيد واسِطي رَحمَۃ اللہِ تَعَالٰی عَلَیہ کي خواب ۾ ڏٺو تہ پڇا ڪئي: الله عَزَّوَجَلَّ اوهان سان ڪهڙو مُعامَلو ڪيو؟ تہ اُنهن فرمايو: منهنجي مغفِرت ڪئي وئي. مون پڇا ڪئي: مغفِرت جو سبب ڇا ٿيو؟ فرمايائون: هڪ ڀيري حضرتِ سيدُنا ابو عَمرو بَصري رَحمَۃ اللہِ تَعَالٰی عَلَیہ جُمُعي جي ڏينهن اسان وٽ تشريف فرما ٿيا ۽ دُعا ڪئي تہ اسان آمين چئي، بس ان ڪري اسان جي مغفِرت ٿي وئي.[(1)]

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## ماءُ پيءُ، استاد ۽ تمام مسلمانن جي لاءِ دُعا جي اهميت

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! دُعا جي آداب مان هي بہ آهي تہ جڏهن اسان پنهنجي لاءِ دُعا گهرون تہ سيني اهلِ اسلام کي ان دُعا ۾ شريڪ ڪيون. اعليٰ حضرت امام احمد رضا خان رَحمَۃ اللہِ تَعَالٰی عَلَیہ فرمائن ٿا تہ جيڪڏهن دُعا گهرڻ وارو پاڻ عطا لائق ناهي تہ ڪنهن ٻانهي جو طُفَيلي ٿي مراد تائين پهچي ويندو.

---

[1]...شَرحُ الصُّدُور ،ص۲۸۲

www.dawateislami.net

حضرت سَيدُنا ابو الشيخ اصبهاني رَحۡمَةُ اللّٰہِتَعَالٰي عَلَيه حضرت سَيدُنا ثابت بُناني رَحۡمَةُ اللّٰہِتَعَالٰي عَلَيه کان روايت ڪئي: اسان سان ذڪر ڪيو ويو جيڪو شخص مسلمان مَردن ۽ عورتن جي لاءِ دُعاءِ خير ڪندو آهي قيامت ۾ جڏهن ان جي مجلسن تان گذرندو تہ هڪ چوڻ وارو چوندو: هي اهو آهي جيڪو اوهان جي لاءِ دُنيا ۾ دُعاءِ خير ڪندو هو پوءِ اهي ان جي شفاعت ڪندا ۽ رب جي بارگاهہ ۾ عرض ڪري ان کي جنت ۾ وٺي ويندا.

قرآنِ ڪريم ۾ مسلمانن جي لاءِ دُعا ڪرڻ جي باري ۾ الله عَزَّ وَجَلَّ جو ارشاد آهي:

وَاسْتَغْفِرْ لِذَنْۢبِكَ وَلِلْمُؤْمِنِيْنَ وَالْمُؤْمِنٰتِ ؕ (پ۲۶، محمد: ۱۹)

ترجمو ڪنز الايمان: ۽ اي محبوب پنهنجي خاص ۽ عام مسلمان مردن ۽ عورتن جي گناهن جي معافي گهرو.

حديث ۾ آهي :نبي ڪريم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم هڪ شخص کي اَللّٰهُمَّ اغْفِرْلِیْ (يعني اي الله! منهنجي مغفرت فرما) چوندي ٻڌو، فرمايائون: جيڪڏهن سيني مسلمانن کي دُعا ۾ شامل ڪرين ها تہ تنهنجي دُعا مقبول ٿئي ها. [1]

حضرتِ سَيدُنا عُباده بن صامِت رَضِیَ اللهُ تَعَالٰي عَنۡه فرمائن ٿا تہ مون رسولُ الله صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي هي فرمائيندي ٻڌو: مَنِ اسْتَغْفَرَ لِلْمُؤْمِنِيْنَ وَالْمُؤْمِنَاتِ كَتَبَ اللهُ لَهُ بِكُلِّ مُؤْمِنٍ وَ مُؤْمِنَةٍ حَسَنَةً يعني جيڪو شخص سيني مسلمان مردن ۽ عورتن جي لاءِ استغفار ڪري، الله تعاليٰ ان جي لاءِ هر مسلمان مرد ۽ مسلمان عورت جي بدلي هڪ نيڪي لکندو.(مجمع الزوائد، کتاب التوبة، باب الاستغفار للمؤمنين والمؤمنات، ۳۵۲/۱۰، حديث: ۱۷۵۹۸)

[1]...ردّ المحتار، کتاب الصلاة، باب صفة الصلاة، آداب الصلاة، مطلب: في الدعاء بغير العربية،۲۸۶/۲

تنهنڪري اسان کي گهرجي ته پنهنجي دُعائن ۾ پنهنجي مسلمان ڀائرن کي به ياد رکندا ڪيون، ۽ والدين بلڪ پنهنجن استادن جي لاءِ به ضرور دُعا ڪيون، ياد رهي ته دِيني استاد روحاني پيءُ جي حيثيت رکي ٿو.ان جي لاءِ دُعا ڪرڻ انسان جي حق ۾ نعمتن جو سبب آهي، حديثِ پاڪ ۾ آهي: اِذَاتَرَكَ الْعَبْدُ الدُّعَاءَ لِلْوَالِدَيْنِ فَاِنَّهُ يَنْقَطِعُ عَنْهُ الرِّزْقُ يعني جڏهن ٻانهو والدين جي لاءِ دُعا ڪرڻ ڇڏي ڏيندو آهي ته ان وٽان رِزق روڪيو ويندو آهي.[1] تنهنڪري اُستادن ۽ ماءُ پيءُ جي لاءِ به لازمي دُعا ڪرڻ گهرجي. جڏهن به دُعا گهرون دُعا ۾ نهايت عاجزي ۽ گِريه وزاري ڪيون، روئيندي ۽ ٻاڏائيندي الله عَزَّوَجَلَّ جي بارگاه ۾ پنهنجي بي وسي ۽ لاچاري جو اظهار ڪندي پنهنجي حاجتن جي لاءِ التجائون ڪيون.

حضرت علّامه، مولانا نقي علي خان رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰى عَلَيه هن دُعا جي آدب جي تحت فرمائن ٿا: جيتري قدر هيڏانهن عاجزي گهٽي هوندي، اتان کان لطف وڪرم وڌيڪ ٿيندو. وڌيڪ فرمائن ٿا ته دُعا ۾ لڙڪ وهائڻ جي ڪوشش ڪري جيتوڻيڪ هڪ ئي ڦڙو هجي ڇوته قبوليت جي نشاني آهي، روئڻ نه اچي ته روئڻ جهڙو چهرو ناهي ڇوته نيڪن جهڙي صورت به نيڪ آهي. اُمُّ المؤمنين حضرتِ سَيدَتُنا عائشه صِدّيقه رَضِىَاللّٰه تَعَالٰى عَنْهَا فرمائن ٿيون ته رسولُ الله صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو: اللّٰه تعاليٰ دُعا ۾ ٻاڏائڻ وارن کي پسند ڪندو آهي.[2]

روني والی آنکھیں مانگو ، رونا سب کا کام نہیں
ذِکرِ محبت عام ہے لیکن، سوز محبت عام نہیں

---

[1] …کنز العمال،کتاب النکاح،قسم الاقوال،باب بر الاب والام من الاکمال،۲۰۱/۱۶،حدیث:۴۵۵۴۸

[2] …کتاب الدعا ء للطبرانی، با ما جاء فی فضل …الخ،ص۲۸،حدیث:۲۰

www.dawateislami.net

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! دُعا جي قبوليت جي لاءِ الله عَزَّوَجَلَّ جي رحمت تي نظر رکندي دُعا گھرڻ گھرجي، ۽ دُعا جي قَبولِيت ۾ جلدي ڪرڻ کان بچڻ گھرجي، ڪجھ نادان مَعَاذالله عَزَّوَجَلَّ اهڙيون ڳالهيون ڪندا آهن تہ اسان ايتري عَرصي کان دُعائون گھري رهيا آهيون، بُزُرگن کان بہ دُعائون ڪرايون، ڪو پير فقير ناهي ڇڏيو، هي وظيفا پڙهندا آهيون اهي ورد بہ پڙهيا آهن، فُلاڻي فُلاڻي مَزار تي بہ وياسين پر الله عَزَّ وَجَلَّ اسان جي حاجت پوري ڪري ئي نٿو، حالانڪ ڪڏهن ڪڏهن قَبولِيتِ دُعا جي تاخِير ۾ گھڻيون مصلحتون بہ هونديون آهن جيڪي اسان جي سمجھ ۾ نٿيون اچن، تنهنڪري دُعا ۾ جلدي نہ ڪرڻ گھرجي، دُعا جي قَبولِيت ۾ جلدي ڪرڻ ۽ قبوليت ۾ تاخير تي اُڪتائڻ وارن کي سمجھائيندي اعليٰ حضرت امام احمد رضا خان رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَیْه پنهنجي مخصُوص انداز ۾ نصيحت جا جيڪي مدني گل عطا فرمايا، انهن جو خُلاصو بڌو ۽ قبوليتِ دُعا ۾ جلدي ڪرڻ کان پاڻ کي بچايو:

## آفيسرن وٽ تہ هر هر ڌڪا کائيندا آهيو پر...

دُنْياوي آفيسرن کان ڪم ڪڍڻ جي خواهشمندن کي ڏٺو ويندو آهي تہ ٽن ٽن سالن تائين اميد ۽ انتظار ۾ گذاريندا آهن، صبح ۽ شام سندن دروازن تي پَڄندا آهن، ۽ اهي آفيسر کين لِفٽ ناهن ڪرائيندا، جواب ناهن ڏيندا، دڙڪا ڏيندا آهن خار کائيندا ۽ چھري ۾ گُھنج وجھندا آهن، انهن آفيسرن وٽ ڌڪا کائڻ ۾ کين سال گذرن پر اميد اجا بہ پهرين ڏينهن جيان مضبوط آهي، دنياوي افسرن وٽ ڌڪا کائڻ وارا نہ اميد ٽوڙين نہ انهن جو پيڇو ڇڏين پر افسوس! الله عَزَّ وَجَلَّ جي دروازي تي پهريان تہ اچي ئي ڪير ٿو! ۽ اچي بہ تہ بي دليو ٿي، جلدي ڪرڻ، سياڻي ٿيڻ وارو ڪم اڄ ٿي وڃي. هڪ هفتو ڪجھ پڙهندي تہ ڇا گذريو، هاڻي شڪايت ٿيڻ لڳي، سائين! پڙهيو تہ هو پر ڪجھ اثر نہ ٿيو! اهي بيوقوف پنهنجي لاءِ قبوليّت جو دروازو پاڻ بند ڪري ڇڏيندا آهن.

**مُحَمَّدٌ رَّسُوْلُ اللّٰه** صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمائن ٿا: يُسْتَجَابُ لِاَحَدِكُمْ مَالَمْ يعَجِّلْ يقُوْلُ دَعَوْتُ فَلَمْ يسْتَجِبْ لِي توهان جي دعا قبول ٿيندي آهي جيستائين تڪڙ نہ ڪريو هي نہ چئو تہ مون دعا گهري هئي قبول نہ ٿي.[1] وڌيڪ فرمائن ٿا: ڪجھ تہ ان دير سبب اهڙا بي قابو ٿي ويندا آهن جو وظيفن ۽ دعائن جي اثر کان بي اعتقاد، بلڪ نَعُوْذُ بِاللّٰه عَزَّ وَجَلَّ! الله عَزَّوَجَلَّ جي ڪرم جي واعدي کان بي اعتماد ٿي ويندا آهن. اهڙن کي چيو وڃي تہ اي بي حيا! بي شرمو! ٿورو پنهنجي گريبان ۾ جهاتي پائي ڏسو. جيڪڏهن ڪو توهان جو هڪ جيڏو دوست توهان کي هزار ڀيرا ڪجھ پنهنجا ڪم چوي ۽ توهان ان جو هڪڙو ڪم بہ نہ ڪريو تہ پنهنجو ڪم ان کي چوندي، پهريان تہ پاڻ لجي ٿيندؤ جو اسان تہ سندس چوڻ ورتو ئي ناهي هاڻي ڪهڙي منهن سان ان کي ڪم لاءِ چئون؟ ۽ جيڪڏهن ضروري هيو تہ چئي بہ ڏنؤ ۽ ان دوست نہ ڪيو تہ ڪهڙيءَ ريت بہ ڏوراپو ڪونہ ڏيندؤ. ظاهر آهي پاڻ ئي سمجهو ٿا جو مون (ان جو ڪم) ڪٿي ڪيو هو؟ جو هُو ڪري!

هاڻي ڏسو تہ توهان الله عَزَّوَجَلَّ جي ڪيترن حڪمن تي عمل ڪريون ٿا؟ ان جا حڪم نہ مڃڻ ۽ پنهنجي گذارش جي هر صورت ۾ قبوليّت چاهڻ ڪيڏي نہ بي حيائي آهي!

او بي عقل! پوءِ فرق ڏس! پنهنجي مٿي کان پيرن تائين غور سان نظر ڪر، هڪ هڪ لُونءَ ۾ هر وقت، هر گهڙي، ڪيتريون ڪيتريون هزار در هزار، در هزار، صد هزار بيشمار نعمتون آهن. تون سمهين ٿو ۽ ان جا معصوم فرشتا تنهنجي حفاظت جي لاءِ پهرا ڏيئي رهيا آهن، تون گناهہ ڪري رهيو آهين ۽ (پوءِ بہ) مٿي کان پيرن تائين صحت ۽ عافيّت، آفتن کان حفاظت، کاڌي جو هاضمو، فُضَلات (يعني جسم جي اندرين گندگين) جو نڪرڻ، رت جي رواني، عضون ۾

---

[1]...صحيحُ البخاری ج ۴ص۲۰۰حديث ۶۳۴۰

طاقت، اکين ۾ روشني، بي حساب ڪرم بنا گهرڻ جي بنا چاهڻ جي توکي نصيب ٿي رهيا آهن. پوءِ جيڪڏهن تنهنجون ڪجهه گهرجون پوريون نہ ٿين تہ ڪهڙي منهن سان شڪايت ڪرين ٿو؟ توکي ڪهڙي خبر تہ تنهنجي لاءِ ڀلائي ڇا ۾ آهي! تو کي ڇا خبر تہ ڪهڙي سخت مصيبت اچڻ واري هئي جيڪا هن دعا ٽاري ڇڏي. تون ڇا ٿو ڄاڻين تہ هن دعا جي عيوض ڪيڏو ثواب تنهنجي لاءِ گڏ ٿي رهيو آهي، ان جو واعدو سچو آهي ۽ قبوليّت جون هي ٽي صورتون آهن جن مان هر پوئين، پهرين کان اعلیٰ آهي. ها، بي اعتقادي آئي تہ يقين ڄاڻجان تہ تون خساري ۾ آهين ۽ ابليس لعين توکي پاڻ جهڙو ڪري ڇڏيو. (1)

مُسلماں ہوں اگرچہ بَد ہوں،سچّے دِل سے کرتا ہوں
خِرَد کرتی نہیں اب کام اِلٰہی!میں ہوا ناکام

تِرے ہر حکم کے آگے سرِ تسلیم خم مولیٰ
تجھی سے اِلتجاء ہے مجھ پہ کر رحم و کرم مولیٰ

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## مجلسِ تَوقيت جو تعارف

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ سُنّتن جي خِدمت ۽ نيڪي جي دعوت کي عام ڪرڻ جي لاءِ تبليغ قرآن وسنت جي عالمگير غير سياسي تحريڪ دعوتِ اسلامي جي تحت هينئر تائين 100 کان وڌيڪ شعبن جو قيام عمل ۾ اچي چڪو آهي.انهن شعبن مان هڪ شعبو ”مجلسِ تَوقيت“ بہ آهي. تَوقِيت مان مُراد اهو عِلم آهي جنهن جي مدد سان دُنيا جي ڪنهن بہ مقام جي لاءِ نمازِ پنجگانہ، طُلوع وغُروب(سحري ۽ اِفطار جا اوقات)، نِصْفُ النَّهَار ۽ مِثْلِ اوّل و ثاني وغيره جا اَوْقات معلوم ڪيا ويندا آهن ۽ دُرست سَمتِ قِبلہ جو تَعَيّن ڪيو ويندو آهي. اعليٰ حضرت، اِمام اهلسنت، مُجدّدِ دين و مِلّت، پروانۂ

---

[1] …فضائلِ دُعا،ص۱۰۰ملخصاً

شمعِ رسالت، مولانا شاه امام احمد رضا خان رَحۡمَةُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَيه پنهنجي هڪ مڪتوب ۾ هن عِلم جي اَهَمّيت جي باري ۾ فرمايو: عَلّامہ اِبنِ حَجَر مڪي رَحۡمَةُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَيه ''اَلزَّوَاجِر'' ۾ هنَ (عِلم ) کي فَرضِ ڪفَايہ لکيو آهي.(1) نَماز جي صِحّت جو مسئلو هجي يا روزي جي دُرُستگي جو، ان بابت اَحڪام علمِ تَوْقيت جي سبب آهن، اوقاتِ صَوم و صلوٰة جي ڄاڻ ڪيپي يا صحيح سَمت ِ قِبلہ جو تَعَيُّن ان عِلْم جي بغير ممڪن ناهي، جيتوڻيڪ مسجد جي عمارت سان سَمتِ قبلہ معلوم تہ ٿي سگهي ٿي پر قبلہ رُو مسجد تَعْمِير ڪرڻ جي لاءِ تہ ان فَنّ کي ڄاڻڻ پوءِ بہ اهم آهي ، تنهنڪري هن علم جي اَهميت ۽ اِفَادِيت جي پيشِ نظر تبليغِ قرآن و سُنّت جي عالمگير غير سياسي تحريڪ دعوتِ اسلامي جي تحت باقاعده هڪ شعبو قائم آهي، جنهن جو ڪم علمِ توقيت جي ذريعي مختلف مقامات جا اَوقاتِ صَوم و صلوٰة جا دُرُست نقشا تيار ڪرڻ سان گڏوگڏ ان علم کي عام ڪرڻ بہ آهي. اَلۡحَمۡدُ لِلّٰه عَزَّ وَجَلَّ مجلسِ تَوْقيت هينئر تائين نہ صرف علمِ تَوْقيت جي اُصُول ۽ قوانين جي مُطابق بي شُمار شهرن جا اَوْقاتُ الصَّلٰوة جا نقشا تيار ڪيا آهن بلڪ هن سلسلي ۾ وڌيڪ هڪ قدم وڌائيندي دعوتِ اسلامي جي مايہ ناز مجلس آئي ٽي جي تعاوُن سان هڪ اهڙو سافٽ وئير بنام ”اَوقاتُ الصَّلٰوة“ بہ مُتَعَارَف ڪرايو آهي جيڪو ڪمپيوٽر ۽ موبائل وغيره تي نمازن جي دُرُسْت وقْت جي نشاندهي ۾ بي حد مُفيد آهي. ڪمپيوٽر سافٽ وئير جي ذريعي سڄي دُنيا جا تقريباً 27 لک مقامات جڏهن تہ موبائل ايپلي ڪيشن(Mobile Application) جي ذريعي تقريباً 10هزار مقامات جي لاءِ درست اَوقاتِ نماز ۽ سمتِ قبلہ بہ معلوم ڪري سگهجن ٿا.

---

1...مڪاتيبِ ملڪ العلما قلمی، حياتِ ملڪ العلما ص٨، مطبو عہ اداره معارف نعمانيہ مرڪز الاولياء لاهور

www.dawateislami.net

نِظامُ الاَوْقات جي باري ۾ ڪنهن به قسم جو مسئلو يا تجويز هجي ته مجلس جي اراڪين ۽ ذِمّيداران سان عالمي مدني مرڪز جي فون نمبرز تي يا ان اي ميل ايڊريس (prayer@dawateislami.net) جي ذريعي رابطو ڪري سگهجي ٿو. عالمي مدني مرڪز فيضانِ مدينه باب المدينه ڪراچي ۾، مڪتب جي مَخصُوص ٽائيم تي تَوْقيت مڪتب ۾ بالمشافه رهنمائي به وٺي سگهجي ٿي.

الله کرم ایسا کرے تجھ میں جہاں میں اے دعوتِ اسلامی تری دُھوم مچی ہو

صَلُّوا عَلَی الْحَبِيب! صلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## بيان جو خلاصو

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ اڄ جي بيان ۾ اسان دُعائن جي قبوليت بابت واقعا به ٻڌا ۽ گڏوگڏ دُعا جي اهميت، ان جا فضائل ۽ قبوليتِ دُعا جي آداب جي باري ۾ به ٻڌو ته دُعا گهرڻ حڪمِ خُداوندي آهي، دُعا ڪرڻ سنتِ مُصْطَفٰي آهي، دُعا ڪرڻ اِطاعتِ مصطفٰي آهي، بزرگن جو پسنديده عمل آهي، دُعا عبادت جو مغز آهي، دُعا افضل عبادت آهي،دُعا مومن جو هٿيار آهي، دُعا الله عَزَّوَجَلَّ جي ويجهو وڌيڪ بُزُرگ آهي، دُعا مصيبتن ۾ نفعي بخش آهي، دُعا دُشمن ڪان نجات ۽ رزق ۾ ڪشادگي جو سبب آهي. دُعا جي اوّل ۽ آخر ۾ دُرُودِ پاڪ پڙهڻ قبوليتِ دُعا جو سبب آهي، دُعا جي قبوليت جي لاءِ الله عَزَّوَجَلَّ جي پسنديده نالن سان دُعا ڪرڻ نهايت اثر رکي ٿو، دُعا جي قبوليت جي لاءِ نيڪ عمل ڪرڻ ۽ ان نيڪ عمل جي وسيلي سان دُعا ڪرڻ قبوليتِ دُعا جو اهم ذريعو آهي، قبوليتِ دُعا جو يقين رکندي ڌيان ۽ يڪسوئي سان دُعا گهرڻ گهرجي، دُعا ۾ بزرگن جو وسيلو پيش ڪرڻ به دُعا قبول ٿيڻ جو سبب آهي، نيڪ ماڻهن سان ملي اجتماعي طور تي دُعا ڪرڻ ۾ برڪت آهي، دُعا ۾ پنهنجي پِير، والدين، استادن ۽ تمام مسلمانن کي ياد رکڻ گهرجي، دُعا

روئيندي، ٻاڏائيندي ۽ پنهنجي بي وسي ۽ بي ڪسي جو اظهار ڪندي گهرڻ گهرجي، دُعا ۾ لڙڪ جو هڪ ٻه قطرو نڪري ويو ته اهو دُعا جي قبول ٿيڻ جي علامت آهي .

مغفرت کا ہوں تجھ سے سُوالی پھیر نا اپنے دَر سے نہ خالی
مجھ گنہگار کی اِلتجاء ہے یاخدا تجھ سے میری دُعا ہے
آہ! رَنج واَلم نے ہے مارا یااِلٰہی مجھے دے سہارا
ایک غمگیں دِل کی صدا ہے یاخدا تجھ سے میری دُعا ہے

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو ! بيان کي ختم ڪندي سنّت جي فضيلت ۽ ڪجھ سنّتون ۽ آداب بيان ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪيان ٿو، تاجدار رسالت، شهنشاهِ نُبُوَّت، مصطفيٰ جانِ رحمت صَلَّي اللهُ تَعَالٰي عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمان جنّت نشان آهي: جنهن منهنجي سنّت سان محبت ڪئي ان مون سان محبت ڪئي ۽ جنهن مون سان محبت ڪئي اهو جنّت ۾ مون سان گڏ هوندو. (1)

سُنّتیں عام کریں دین کا ہم کام کریں
نیک ہو جائیں مسلمان مدینے والے

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## هٿ ملائڻ بابت سنتون ۽ آداب

اچو! شيخ طريقت، امير اهلسنّت حضرت علامه مولانا ابو بلال محمد

[1]...مشكاة الصابيح،كتاب الايمان،باب الاعتصام بالكتاب والسنة،١/٩٧،حديث:١٧٥

www.dawateislami.net

الياس عطار قادري رضوي ضيائي دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جي رسالي 101 **مدني گل** مان هٿ ملائڻ جون سنتون ۽ آداب پڙون ٿا: پهريان ٻه فرمان مُصْطَفٰي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ملاحظ فرمايو:◈ جڏهن ٻه مسلمان ملاقات ڪندي مصافحو ڪندا (يعني هٿ ملائيندا) ۽ هڪبئي کان خيريت معلوم ڪندا آهن ته **الله** عَزَّ وَجَلَّ انهن جي وچ ۾ سؤ رحمتون نازل فرمائيندو آهي، جنهن مان نوي رحمتون زياده گرم جوشي سان ملڻ واري ۽ سٺي نموني سان پنهنجي ڀاءُ کان خيريت پڇڻ واري جي لاءِ هونديون آهن."[1] ◈ جڏهن ٻه دوست پاڻ ۾ ملندا آهن ۽ هٿ ملائيندا آهن ۽ نبي (صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) تي درود پاڪ پڙهندا آهن ته انهن ٻنهي جي جدا ٿيڻ کان پهريان پهريان ٻنهي جا اڳيان پويان گناهہ بخشيا ويندا آهن.[2]

◈ ٻن مسلمانن جو ملاقات جي وقت سلام ڪري ٻنهي هٿن سان مصافحو يعني ٻئي هٿ ملائڻ سنّت آهي .◈ موڪلائڻ وقت به سلام ڪريو ۽ هٿ به ملائي سگهو ٿا.◈ هٿ ملائڻ وقت درود شريف به پڙهو، ٿي سگهي ته هي دعا به پڙهو: "يَغْفِرُ اللهُ لَنَا وَلَكُمْ" (يعني **الله** عَزَّ وَجَلَّ اسان جي ۽ توهان جي مغفرت فرماءِ)◈ ٻه مسلمان هٿ ملائڻ جي دوران جيڪي دعائون گهرندا اِنْ شَآءَاللهعَزَّ وَجَلَّ قبول ٿينديون. هٿ جدا ٿيڻ کان پهريان ٻنهي جي مغفرت ٿي ويندي.[3] اِنْ شَآءَ اللهعَزَّ وَجَلَّ

◈ پاڻ ۾ هٿ ملائڻ سان دشمني ختم ٿيندي آهي.◈ جيترا ڀيرا ملاقات ٿئي هر ڀيري هٿ ملائي سگهو ٿا .◈ ٻنهي طرفن کان هڪ هڪ هٿ ملائڻ سنّت ناهي، مصافحو ٻنهي هٿن سان ڪرڻ سنّت آهي ◈ ڪي ماڻهو صرف پاڻ ۾ آڱريون

---

[1] ...معجم اوسط،۵/۳۸۰،رقم:۷۶۷۲

[2] ...شعب الايمان،۶/۴۷۱، حديث:۸۹۴۴

[3] ...مسند احمد،۴/۲۸۶، حديث:۱۲۴۵۴

www.dawateislami.net

ملائيندا آهن، اها بہ سنّت نہ آهي ﴿11﴾ هٿ ملائڻ کان پوءِ پنهنجو هٿ چُمڻ مڪروهہ آهي. هٿ ملائڻ کان پوءِ پنهنجي تري چمڻ وارا اسلامي ڀائر پنهنجي اها عادت ڇڏي ڏين.[1] ۞ جيڪڏهن اَمرَد (يعني خوبصورت ڇوڪري) سان هٿ ملائڻ ۾ شهوت ٿيندي هجي تہ ان سان هٿ ملائڻ جائز ناهي بلڪ جيڪڏهن ڏسڻ ۾ شهوت ٿئي تہ هاڻي ڏسڻ بہ گناهہ آهي.[2] ۞ مصافحو ڪرڻ (يعني هٿ ملائڻ) وقت سنّت هيءَ آهي تہ هٿ ۾ رومال وغيره نہ هجي، ٻئي ترِيون خالي هجن ۽ تريءَ سان تري ملڻ گهرجي.[3]

طرح طرح جون هزارين سنتون سکڻ جي لاءِ مڪتبة المدينه جي شايع ٿيل ڪتاب 312 صفحن تي مشتمل ڪتاب "بهار شريعت" حصو 16 ۽ 120 صفحن جو ڪتاب "سنتيں ۽ آداب" هديو ڏئي حاصل ڪيو ۽ پڙهو. سنتن جي تربيت جو هڪ بهترين ذريعو دعوت اسلامي جي مدني قافلن ۾ عاشقان رسول سان گڏ سنتن ڀريو سفر آهي.

علم حاصل کرو، جہل زائل کرو پاؤ گے راحتیں، قافلے میں چلو
سنتیں سیکھنے، تین دن کے لیے ہر مہینے چلیں ، قافلے میں چلو
(وسائلِ بخشش مرمم، ص٦٧٠،٦٦٩)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

---

1...بهارِ شريعت، حصّہ ١٦، ٤١٧/٣ مُلَخَّصاً

2...دُرِّمُختار، ٩٨/٢

3...بهارِ شريعت،حصّہ ١٦،٣/٤٧١

# دعوتِ اسلامي جي هفتيوار سنتن ڀري اِجتمِاع ۾ پڙهيا ويندڙ درود شريف

## (1) جمعہ جي رات جو دُرُود

اَللّٰهُمَّ صَلِّ وَسَلِّمْ وَبَارِكْ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدِنِ النَّبِيِّ الْاُمِّيِّ

الْحَبِيْبِ الْعَالِي الْقَدْرِ الْعَظِيْمِ الْجَاهِ وَعَلٰى اٰلِهٖ وَصَحْبِهٖ وَسَلِّمْ

بزرگن فرمايو آهي تہ جيڪو شخص هر جمعرات (جمعہ ۽ خميس جي وچين رات) هن دُرُود شريف کي پابندي سان گهٽ مان گهٽ هڪ ڀيرا پڙهندو موت جي وقت سرڪار مدينہ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي زيارت ڪندو ۽ قبر ۾ داخل ٿيندي وقت اهو بہ ڏسندو تہ سرڪار مدينہ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ان کي پنهنجي هٿن سان قبر ۾ داخل ڪري رهيا آهن،[1]

## (2) سمورا گُناه مُعاف

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا وَمَوْلَانَا مُحَمَّدٍ وَّعَلٰى اٰلِهٖ وَسَلِّمْ

حضرتِ سيدُنا انس رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُ کان روايت آهي تہ تاجدارِمدينہصَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو :جيڪو شَخص اهو دُرُود شريف پڙهي جيڪڏهن بيٺل هو تہ ويهڻ کان پهريان ۽ ويٺل هو تہ بيهڻ کان پهريان، ان جا گناهہ معاف ڪيا ويندا.[2]

---

[1] ...افضل الصلوات علی سید السادات، الصلاة السادسة والخمسون،ص151ملخصًا

[2] ...افضل الصلوات علی سید السادات،الصلاة الحادية عشرة، ص 65

www.dawateislami.net

## (3) رَحمت جا ستر دروازا

صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

جيڪو اهو دُرُود شريف پڙهندو آهي ان تي رحمت جا ستر دروازا کوليا ويندا آهن.[1]

## (4) ڇهه لک دُرُود شريف جو ثواب

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ عَدَدَ مَا فِيْ عِلْمِ اللّٰهِ صَلَاةً دَآئِمَةً بِدَوَامِ مُلْكِ اللّٰه

حضرت اَحمدصاوِي عَلَيهِ رَحمَة اللّٰهِ الهَادِی ڪن بُزرگن کان نقل ڪن ٿا ھن دُرُود شريف کي ھڪ ڀيرو پڙهڻ سان ڇھ لک دُرُودشريف پڙهڻ جو ثواب حاصل ٿيندو آهي.[2]

## (5) قُربِ مُصطَفٰي صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ كَمَا تُحِبُّ وَتَرْضٰى لَهٗ

ھڪ ڏينهن ھڪ شَخص آيو ته حُضُورِ اَنورصَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيهِ واٰلِهٖ وَ سَلَّمَ ان کي پنهنجي ۽ صِدّيقِ اڪبر رَضِیَاللّٰهُ تَعَالٰى عَنهُ جي وچ ۾ ويهاريو، انهي سبب صَحابَہ ڪرام رَضِیَاللّٰهُ تَعَالٰى عَنهُم کي تَعَجُّب ٿيو ته اهو مرتبي وارو شخص ڪير آهي جڏهن اهو هليو ويو ته سرڪار مدينه صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: اهو جڏهن

[1] ...القول البديع،الباب الثانی، ص277،

[2] ...افضل الصلوات على سيد السادات،الصلاة الثانية والخمسون،ص149

www.dawateislami.net

مون تي دُرُودِ پاڪ پڙهندو آهي ته ائين پڙهندو آهي.[1]

## (6)دُرُودِ شَفاعت

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ وَّاَنْزِلْهُ الْمَقْعَدَ الْمُقَرَّبَ عِنْدَكَ يَوْمَ الْقِيَامَةِ

شافِعِ اُمَم صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو فرمانِ مُعَظَّم آهي جيڪو شخص هن درود شريف کي پڙهي ته ان جي لاءِ منهنجي شفاعت واجب ٿي ويندي آهي.[2]

## (1) هڪ هزار ڏينهن جون نيڪيون

جَزَى اللّٰهُ عَنَّا مُحَمَّدًا مَّا هُوَ اَهْلُهٗ

حضرتِ سيدُنا ابنِ عباس رَضِیَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنهُمَا کان رِوايت آهي ته سرڪارِمدينه صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: انهي درود شريف کي پڙهڻ واري جي لاءِ ستر ملائڪ هڪ هزار ڏينهن تي نيڪيون لکندا آهن[3]

## (1) جڻ شب قدر حاصل ڪري ورتي-

فرمان مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ آهي جنهن هن دعا کي 3 پيرا پڙهيو ته ان جڻ شب قدر حاصل ڪري ورتي.[4]

لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ الْحَلِيْمُ الْكَرِيْمُ، سُبْحٰنَ اللّٰهِ رَبِّ السَّمٰوٰتِ السَّبْعِ وَرَبِّ الْعَرْشِ الْعَظِيْم

(خداءِ حليم ۽ ڪريم کان سواءِ ڪو به عبادت جي لائق ناهي الله عَزَّوَجَلَّ پاڪ آهي جيڪو ستن آسمانن ۽ عرشِ عظيم جو پروردگار آهي)

---

[1] ...القول البديع،الباب الاول،ص125

[2] ... الترغيب والترہيب،کتاب الذکر و الدعاء،۲/۳۲۹،حديث:۳۰

[3] ... مجمع الزوائد،کتاب الادعية،باب فی کيفية الصلاة...الخ،254/10،حديث:17305

[4] ... تاريخ ابنِ عساکر،۱۹/۱۵۵،حديث:۴۴۱۵

www.dawateislami.net

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد